ريحانہ نظير

نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج

Abstract:

It's true that intellectuals and writers are always influenced by, and react to, the social, cultural, political and economic environment prevalent in their societies. The turmoil and transformations produced by these conditions serve as an inspiration for the progressive writers of the day, who depict these changing socio-economic and political conditions directly in their writings. Dr. Najam Abbasi, a medical practitioner, is also one of those writers who portrayed the stark realities of life and popular culture to the people, not only showcasing the retrogressive evils prevalent in the society but also suggesting progressive remedies for them. Moreover, Dr. Abbasi was one of the very few progressive writers who devoted their literary genius towards elimination of various social and political ills surfacing in the lives of the people of Sindh. Dr. Abbasi began writing before the partition of India (19437). His debut work was a short story named ***Himat Ain Koshish*** *(Courage & Effort). The Partition also sparked myriad new socio-political issues that provided the Sindhi literati new avenues of intellectual activities. These issues dealt with the dilemmas of migration, the sordid gift of Partition, and the demographic changes that it brought in the cultural and political fabric of Sindh. These rapid and rather unexpected transformations in our society drove the young writers and activist to pen the impact of the changes caused by the Partition on the lives of common people in Sindh. Sindh, therefore, was bustling with many poets, and writers who made Partition and the horrors that it brought the mainstay of their literary works. Dr. Abbasi was one such short story writer and novelist, and an activist who used his writings to document, portray, and suggest possible remedies to the many socio-economic, political, legal and atrocities committed against Sindh, and its local population. Moreover, he enlightened the people of Sindh to break the shackles of false premonitions, misplaced beliefs, and myths including their belief in black magic that had entrapped them for centuries, and in many ways, still haunt them today.*

زندگيءَ روز نت نوان روپ بدلي ٿي، اڄ جا گل سڀاڻي تائين پنهنجي خوشبو ۽ تازگي برقرار نٿا رکي سگهن، اها تبديلي اٽل آهي، پر جيستائين سندن وجود قائم آهي، تيستائين هنن سُرهاڻ پکيڙي وايومنڊل کي واسي ڇڏيو آهي. ترقي پسند

روشن خيال اديب جي زندگيءَ بہ ايئن ئي آهي. هو جيستائين جيئن َ ٿا، ناانصافي، ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جو مقابلو ڪري: انصاف، امن، رواداري ۽ سچ جي سوڀ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا. تيستائين اها جدوجهد جاري رکن ٿا، جيستائين مقصد ماڻي نٿا وٺن. فن ۽ فڪر جون اهي ڪاوشون، تخليق جو اهو عمل سندن وڃڻ کان سندن لکڻين جي صورت ۾ سرهاڻ بڻيو نئين نسل لاءِ نئين ۽ صحتمند سوچ، نئون جذبو، نئون شعور ۽ عملي جدوجهد جي تصوير بڻجي هميشہ لاءِ ڪتابن جي زينت بڻيو رهن ٿا. جمال الدين افغاني چواڻي، ”دنيا جواهو سارو ادب زندهہ رهندو ايندو، جنهن انسان کي فطرت جي جبر مان پيدا ٿيل زندگيءَ بابت انيڪ غلط خيالن کان نجات ڏياري آهي ۽ اهو سارو ادب حرفِ غلط وانگر ميٽجي ويندو، جنهن انسان جي غلاميءَ کي منطقي دليلن سان جائز سڏيو آهي. توڙي جوسندس اها ڪوشش غيرشعوري طور ڇو نہ هجي.“(1)

ادب جي نثري صنفن ۾، افساني کي گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ، پڙهندڙ مختصر دورانيي ۾ ڪنهن بہ سماج جي مختلف تهذيبي ۽ تمدني تاريخ، سندن ريتن رسمن، قاعدن ۽ قانونن، ماحول سان لاڳاپيل مسئلن کان نہ صرف واقفيت حاصل ڪن ٿا پر، ان سان گڏ وندر ۽ مقصد پڻ ماڻين ٿا. ان ڪري ئي ادب کي زندگيءَ جو رهنما ۽ ترجمان ليکيو ويو آهي.

سنڌ ۾ ترقي پسند افسانوي ادب جي اوسر ۾ نجم عباسيءَ جو تخليقي پورهيو پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن سڄي ڄمار سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سماج ۽ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪندي وقف ڪئي. جن جا سڌي يا اڻ سڌي طرح سنڌي سماج تي اثر پيا. خاص طور تي نجم عباسي جا سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ تي ۽ سماج جا سندس ڪهاڻين تي ڪهڙا اثر پيا ان جو مختصر احوال پڻ جائزي طور پيش ڪيل آهي.

نجم عباسي جڏهن لکڻ شروع ڪيو، تڏهن ڏيهي يا ڏيهان ڏيهي سطح تي انقلابن، سياسي وڳوڙن، جنگين، ۽ خاص طور تي ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد جو دؤر هو، ٻئي پاسي ادب ۾ ترقي پسند نظريو پنهنجو زور پڪڙي رهيو هو، جنهن رجعت پرست سوچ کي ٿڏي جديد ترقي پسند سوچ جو بنياد وڌو. هن نظرئي ادب کي انساني معاشري جو عڪاس بڻائڻ سان گڏوگڏ ادب کي قومن جي تقدير بدلائڻ لاءِ اثرائتو ذريعو ليکيو. ليڪ پوءِ اهو چاهي ڪهڙي بہ زبان سان تعلق رکندو هجي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اثرائتو سندس اها ڪوشش رهي ته، هو پاڻ کي ترقي پسندن جي سٿ ۾ شامل ڪرائي ۽ سنڌي ليکڪن پڻ انهيءَ ترقي پسند فڪر مطابق حقيقت پسند ادب ڏانهن لاڙو رکيو. جنهن ۾ اديبن پنهنجي تخليقن ذريعي سماجي اڻ برابري، هاڃيڪار رسمن، رواجن ۽ سياسي سرگرمين جي پس منظر ۾ سُتو ۽ موَثر ادب تخليق ڪيو.

نجم عباسي جي پهرين ڪهاڻي 'همت ۽ ڪوشش' هئي، جيڪا ڏنو وڃي ته، هڪ ترقي پسند ڪهاڻي نظرايندي، جنهن ۾ ليکڪ هي تصور اُڀارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته مذهب کان انسانيت جي اهميت وڌيڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو هڪ ڪردار حج تي نڪري ٿو، پرجڏهن واٽ تي هن کي هڪ بي سهارا عورت ڏکن ڏاکڙن ۾ ملي ٿي، ته هو سندس مدد ڪرڻ کي حج کان وڌيڪ فوقيت ڏيئي ٿو ۽ هن کي ان عمل ڪرڻ سان اڳ ڪيل سيني حجن کان وڌيڪ خوشي ملي ٿي. ان کانسواءِ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سنڌي ماڻهو جي خوش اخلاقي پڻ ثابت ٿئي ٿي. نجم عباسي پنهنجي پهرين ڪهاڻي بابت ٻڌائيندي لکي ٿو ته، ”ان ڪهاڻيءَ ۾ منهنجا مرڪزي موضوع هئا غيرسنڌي ۽ مذهب، انهي ڪچي عمر ۾ لاشعوري طرح مون انهن ٻن موضوعن تي جيڪي ويچار ظاهر ڪيا، سي اڄ بہ پنهنجي پڪي عمر ۾ شعوري طرح وڌيڪ پختائي سان پئي پڌرا ڪيا ۽ هيل تائين جيڪي بہ ڪهاڻيون لکيون اٿم انهن مان گهڻائي جا مرڪزي خيال اهي مٿيان بہ موضوع پئي رهيا آهن.“(2)

سندس پهرين معياري ڪهاڻيءَ 'مهراڻ رسالي' ۾ 1946ع ڇپي. جڏهن تہ نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين جي باقاعده شروعات ورهاڱي کانپوءِ ڪئي. ننڍي کنڊ جو ورهاڱو هڪ تمام وڏي سياسي، سماجي مذهبي ۽ تعصبي جنگ جي صورت اختيار ڪرڻ سان گڏ ثقافتي ۽ لساني متڀيد جو پڻ باعث بڻيو جنهن سبب پڻ صورتحال ۽ حالتن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ تمام گهڻي لڏپلاڻ عمل هيٺ آئي. جنهن سبب سنڌ کي نہ صرف سياسي گهاءُ رسيو، پر ان سان گڏ معاشي، ثقافتي ۽ لساني نقصان پڻ رسيا. جي ايم سيد جي لفظن ۾، ”انگريز جڏهن ملڪ کي آزاد ڪري مڪاني ماڻهن جي حوالي ڪري ويا، تہ مذهبي تعصب اقتصادي ڇتاپيٽين ۽ مستقل مفاد جي ڪارگذارين، ڪروڙين ماڻهن کي پنهنجي اباڻي وطن کان ڇڏائي، ٻين وطنن ۾ وڃي آباد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو، جنهن ڪري لکين ماڻهن جي خون ريزي ۽ لاتعداد عورتن جي عصمت دريءَ جا واقعا رونما ٿيا. پاڪستان جي قيام بعد سنڌ مان 13 لک

سنڌي ٻوليءَ ڄاڻندڙ سنڌي تهذيب ۽ تمدن جا معمار، شاهہ سچل ۽ ساميءَ جي تعليم جا ڄاڻو، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، فلسفي ۽ تصوف جا ماهر هندو ملڪ ۽ ملڪيتون ڇڏي، ڀارت ۾ آباد ٿيا ۽ انهن جي جاءِ تي ٽيهہ لک ڀارت واسي تاجر، اعليٰ منتظم، ڊاڪٽر، انجينئر سائنسدان، ڪارخانيدار، ٻئنڪر ۽ هنر مند مسلمان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا.“(3)

ان ڪري ورهاڱي کانپوءِ هن نئين نهيل ملڪ ۾ سنڌي قوم کي جيڪي مسئلا درپيش آيا، تن ۾ سرفهرست لڏ پلاڻ هيو، جنهن جي نتيجي ۾ خون ريزي ۽ لٽ مار ۽ محب وطن علم دوست ۽ ادب دوست هندن جو لڏڻ ۽ ٻئي طرف سنڌ جو صوبي طور پاڪستان ۾ شموليت سبب لکين هندستان مان لڏي آيل ماڻهن جي اچڻ. سبب سنڌي سماج ٽٽي پري پيو. جنهن خارجي توڙي داخلي سطح تي سنڌ کي مايوسيءَ واري صورتحال طرف ڌڪي ڇڏيو. سنڌ جي ان لساني، ثقافتي ۽ سماجي ورهاڱي ۽ ڏاري تهذيب ۽ ٻوليءَ جو اچڻ جو اظهار پڻ ان وقت جي ادب جو خاص موضوع رهيو.

سنڌواسين لڏي ويل هندن جو خال اجا پريو ئي ڪونہ هو تہ، وري سنڌ ۽ سنڌي قوم ۽ سنڌي تهذيب تي هڪ ڀيوخطرناڪ وار 'ون يونٽ' جي ناهڻ سان ڪيو ويو. جنهن سبب سنڌي ماڻهو پنهنجي صدين جي عاليشان تهذيب، تمدن، ٻولي ۽ تاريخي حيثيت کان محروم ٿي ويا. حڪمرانن کي اتي بہ ماٺ ڪانہ آئي، هڪ ٻئي پٺيان عوام دشمن منصوبا رٿيا ۽ پيش ڪيا ويا. 1958ع ۾ ايوب خان ملڪ ۾ پهرين مارشل لا لڳايو، ان مارشل لا واري دور ۾ سنڌي زبان کي سنڌ مان ختم ڪرڻ جون سازشون سٽيون ويون. 'شريف ڪميشن' 1959ع سنڌي ٻوليءَ کي پنجن پرائمري درجن تائين محدود ڪري ۽ اردو جيڪا ان وقت بمشڪل اٺ سيڪڙو ماڻهن جي ٻوليءَ هئي، ان کي اولهہ پاڪستان جي ماڻهن تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن مطابق سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ بدران هڪ علاقائي ٻولي تصور ڪري، ان کي صرف پهرين پنجن درجن تائين نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي ويئي. انهن حالتن سنڌ ۾ ساڄاهہ وند طبقي اندراشتعال انگيز جذبن کي جنم ڏنو. هي اهي جذبا هئا، جنهن کان ڪوبہ باشعور ۽ فهم وارو ماڻهو لاتعلق رهي نہ پئي سگهيو. محمد عثمان ڏيپلائي جي چواڻي تہ، ”تعليمي ڪميشن جي رپورٽ (سنڌي ٻوليءَ بابت) اسان جي سيني اميدن تي پاڻي هاري ڇڏيو ۽ ظاهر ٿي ويو تہ، **'ڏکي توءِ ڏکار، توڙي وسن ميهڙا'.**“(4)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هي اهو ئي دور هو، جتان سنڌي ادبي جدوجهد جي صحيح معنيٰ ۾ شروعات ٿي. جنهن اسان جي ڪهاڻيڪارن کي انهن تحريڪن ۾ نمايان حصو وٺڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

انهن سمورين منجهائيندڙ سياسي لاڙن ۽ بدلجندڙ سماجي حالتن سنڌي ماڻهن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا، پر سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ ليکڪن انهن خلاف ڀرپور مزاحمت جو اعلان ڪيو. جنهن ۾ سنڌ جي عالمن، سياستدانن، هارين، شاگردن ۽ ٻين باشعور طبقن گڏجي حصو ورتو ۽ حڪومت جي انهن منفي روين جي سخت مخالفت ڪئي ويئي

ادب جي پڻ هر صنف ۾، پوءِ اُها شاعري هجي يا ڪهاڻي، ناول هجي يا مضمون نگاري، مطلب ته، هر صنف ۾ انهيءَ موضوع تي لکيو ويو، خاص طور تي افسانن ۾ ان جو اظهار گهڻو ڪيو ويو. ليکڪن هن صنف ذريعي انهيءَ سياسي ماحول ۽ معاشرتي ناهموارين بدلجندڙ حالتن سان هم آهنگ ادب تخليق ڪري، عام ماڻهن ۾ سياسي توڙي ثقافتي سجاڳي آندي. جي ايم سيد ان بابت لکي ٿو ته، ”اسان جي انهن سرگرمين ۾ اسان جو ادبي محاذ به سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان ڀرپورطريقي سان شريڪ رهيو. پاڻ سيني سياسي سماجي ڌرين کان اڳتي وڌي سنڌي ٻوليءَ جي بحالي ۽ ون يونٽ ٽورائڻ لاءِ جيڪا سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪئي، مان ويجهي تاريخ ۾ تمام گهٽ ملڪن ۾ ڏٺي انهي عرصي ۾ نه صرف سنڌ جي تاريخ جي قومي بنيادن تي بهترين تشريح ٿي. قومي هيروز تي مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڪتاب لکيا ويا، پر موجوده سياسي حالتن جنهن قسم جو ذهني جسماني دٻاءُ سنڌ تي مسلط ڪيو ويو، ان جو به اسان جي ادب ۽ شاعري ذريعي بيمثال فني نزاڪتن ۽ خوبين سان اظهار ٿيڻ لڳو.“(5)

ايئن هڪ سلسلو سنڌي ادبي سنگت جي محاذ تان شروع ٿيو ۽ ان وقت جي هر ليکڪ پنهنجي قومي، تشخص، تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ادب کي ادبي هٿيار طور متعارف ڪرايو. ان سلسلي ۾، محمد عثمان ڏيپلائي جو ’ڪونڌير‘ ۽ شمشير الحيدري جو افسانو ’پورس جا هاٿي‘ ۽ حفيظ شيخ جو لکيل افسانو ’اڇو ته گهر گڏيون‘، ع. ق. شيخ جو ’حيدرآباد‘، ثميرا زرين جو ’وطن‘، محمد دائود بلوچ جو

’آزاديءَ جو ڏينهن‘ قابل ذڪر افسانا آهن. جن ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح ون يونٽ تي طنز ۽ چٽرائي نظراچي ٿي.

ان کان علاوه هنن ليکڪن هر قسم جي سماجي مسئلن، ناانصافين ۽ پرماريت خلاف احتجاجي ادب پڻ تخليق ڪيو. جنهن ۾ ليکڪن پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار عام ماڻهن مان ڪنيا، جن ۾ انهن ڪردارن ذريعي اهو احساس جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي ته، توهان ئي آهيو، جيڪي جيڪڏهن متحد ۽ منظم ٿي وڃو ته، سڀ ڪجھ به حاصل ڪري سگهو ٿا. مزاحمت جي هڪ نئين لهر سنڌي ادب ۾ شامل ٿي. سوڀو گيان چنداڻي ان لاءِ لکي ٿو ته، ”سنڌ ۾ 1954ع، کانپوءِ مزاحمتي ادب پيدا ٿيو.“(6)

ليکڪن شاعري، ڪهاڻين، ناولن ۽ ايڊيٽوريلن ذريعي حڪومت جي انهن سازشن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي. اهو انهن سيني لاءِ قومي غيرت جو سوال بنجي ويو. حميد سنڌي جي چواڻي ته، ”مان سمجهان ٿو ته، جنهن ماڻهو پنهنجي تهذيب، پنهنجي ثقافت، پنهنجي منڙي ٻوليءَ کي پنهنجو شان، پنهنجو مان، پنهنجي غيرت، پنهنجي قوت نه بڻايو آهي، انهيءَ لاءِ جيئڻ اها ذلت آهي، اها خيرات آهي، جا انسان ذات جو وڙ ئي ناهي.“(7)

اهڙين حالتن ۾ مزاحمتي ادب ان وقت جي اهم ضروت هو.جنهن جي ذريعي ليکڪن سنڌي قوم جي جذبن جي ترجماني ڪئي، ڇاڪاڻ ته، اديب ڪڏهن به پنهنجي سماج، ڌرتي ۽ ان جي روايتن، ريتن رسمن، مسئلن ۽ مشڪلاتن کان پري رهي نٿا سگهن هو. جنهن سماج ۾ رهن ٿا، ان جا مثبت ۽ منفي اثر سندن لکڻين ۾ سنڌي يا اڻ سڌي طرح هڪ حد تائين موجود رهن ٿا. اهو ئي سبب هو، جو ان وقت سنڌ جي اديبن قومي بيداري ۽ وطني آزاديءَ جي فڪر سان سلهاڙيل فن کي پنهنجي لکڻين جو موضوع بنايو هو. گڏو گڏ هنن سماج جي لڪل عيبن کي پڻ وائکو ڪري، انهن جي حل بابت پڻ معلومات فراهم ڪئي. جيڪا ادب جي زندگيءَ سان ڪمنٽمينٽ ظاهر ڪري ٿي. جن ۾ نجم عباسيءَ جو ڪردار پڻ مسلم آهي. نجم عباسيءَ جو فني رجحان سماجي ڪهاڻين مان بدلجي، قوم پرست فڪر طرف ڪيئن ويو، ان جو اظهار هو هن طرح ڪري ٿو ته، ”ون يونٽ کانپوءِ ترقي پسند قوم پرست فڪر ۾ واڌ آئي ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مون باقاعده ترقي پسند ۽ قوم پرست فڪر ڪي اڳيان رکي ڪهاڻيون لکيون. ان کان اڳ سماجي برائين جي خلاف لکندو هوس، پر ون يونٽ ڪانپوءِ اڄ تائين مان شعوري طور قوم پرست ترقي پسند لاڙي هيٺ لکي رهيو آهيان، جن ۾ طبقاتي ڏاڍ خلاف به لکان ٿو، قومي جبر جي خلاف به لکان ٿو ۽ سياسي شعور ڏيندڙ ڪهاڻيون به لکان ٿو.“(8)

نجم عباسي اهو ليکڪ هو، جنهن سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي ويڙهه پنهنجي منفرد اندازسان وڙهي. هن سنڌ ۽ سنڌي قوم کي غلاميءَ جي زنجيرن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ان وقت جي سامراجي قوتن خلاف قلمي جهاد ڪيو، گڏوگڏ، هن مختلف قسمن جي سماجي ڦورو ٽولن مثال طور: سرمائيداري، پير پرستي، جڙتو عقيدن، وهم پرستي، وڏيرن ۽ پوليس جي ڦهري ڪارواين وغيره خلاف پڻ کلي بغاوت جو سڏ ڏنو. يوسف سنڌي ان ڏس ۾ لکي ٿو، ”سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مسڪين ۽ پيڙهيلن طبقن، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سڀيتا، تمدن ۽ ثقافت کي وڏي نمايان اهميت آهي. سندس ڪهاڻين ۾ دقيانوسي خيالن، وهم پرستي، اجاين ريتن رسمن جي خلاف درس ڏنو ويو آهي ۽ هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌيت سائنسي سوشلزم، انقلاب، آزاديءَ جو وڏي واڪي پرچار ڪيو آهي.“(9)

سندس ڪهاڻين تي نظر وجهبي ته، انهن ۾ لاتعداد ڪهاڻيون انهيءَ فڪر جي ترجمانيءَ تي مشتمل نظر اينديون. جن ۾ سنڌي تهذيب تمدن جي شاندار تاريخ، سنڌي سورمن جا ڪارناما، سنڌي ٻوليءَ جي تمثيلي حيثيت کي اجاگرڪرڻ جو فڪر ۽ مقصد نمايان نظرايندو. جن کي پڙهندڙن طرفان ميڄتا پڻ حاصل آهي. جنهن لاءِ نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب ’للڪار‘ ۾ لکي ٿو ته، ”پڙهندڙن کي منهنجون سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌيت جون ڳالهيون پسند آهن. مان لکڻ وقت سائنس، سوشلزم، سيڪيولرزم ۽ سنڌيت جي ساٿ سان ترقي پسند روشن خيالي ۽ ذهني آجپي جي واٽ وٺڻ جو جتن ڪندو آهيان.“(10)

سندس انهن قومي موضوعن تي لکيل ڪهاڻين ۾ ’ناچڻي‘، ’ٻاهر وارو‘، ’ٻه خبرون‘، ’سنڌ ۾ طوفان‘، ’سورج هوندي مرجهايل‘، ’پاڙي جي خدمت‘، ’ڏيي ۾ ٺڪريون‘، ’تاءُ‘، ’سمنڊ ٿو پڪاري‘، ’خالي ڪيسي ۾ پريل سوچون‘، ’نئون محاذ‘، ’ڪي ويجها ئي ڏو‘، ’انگ اکر‘، ’ٻاهه جو چنڊ‘، ’آءُ ڪنور ڪر ڳالهه‘، ’سنڌي ڳائڻي

جو خواب‘، ’ڌرتي جو سڏ‘، ’تون تون مان مان‘، ’پرائو ڪلهو‘، ’هڪ نعرو‘، ’آزادي جي نئين آڪاڻي‘، ’سريلنڪا جي اک‘، ’ڀهريون هٿيار ڀڃاڙڪو هٿيار‘، ’ڪوڙڪي‘، ’هڪ نعرو‘، ’ولايت ۾ ولر ياد آيا‘ ۽ انيڪ ٻيون ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ نجم عباسي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا جي ويڙهه وڙهي. راشد مورائي سندس انهن قوميت تي ٻڌل ڪهاڻين جو تجزيو ڪندي لکي ٿو ته، ”ڪهاڻي ناچڻيءَ ۾ سنڌ جي قديم تهذيب بابت لکيو ويو آهي ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته، سنڌ تي ڪاهون ڪندڙ اڃا جڏهن وحشي دور مان لنگهي رهيون هيون، ان وقت سنڌ ڪيڏي نه ترقي يافته هئي. ’ساڻيهه مٿائن سون تي‘ عرب يهودي ويڙهه بابت لکندي هتي جي اسرائيلي ذهنيت رکندڙن ڏانهن ڏيان ڇڪايو ويو آهي. ’ديسي سيڻ ڪجن‘ ۾ هڪ سنڌي نوجوان جو غير سنڌي ڇوڪري سان عشق ڏيکاريو ويو آهي، پر هو پنهنجي زبان ۽ ٻوليءَ ۾ پنهنجا امنگ ۽ جذبا پوري طرح نٿو ٻڌائي سگهي ڇو ته، هوءَ اهو سڀ سمجهڻ کان قاصر آهي. ’سنڌي ڳائڻيءَ جو سپنو‘ سنڌي ڳائڻن کي جيڪي ريڊيو ۽ ٽي وي تي پهچڻ ۾ دشواريون پيش اچن ٿيون، تن جو ذڪر ڏاڍي اثرائتي نموني ۾ ڪيو ويو آهي، ۽ پٽڪي جي پلاند ۾ سنڌي غيرت کي چڱي طرح چٽيو ويو آهي.“(11)

اديب جي تخليقن ۾ زندگيءَ سان لاڳاپيل ماحول جي تواريتن جو ذڪر شامل هوندو آهي. هو پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي نه صرف انهن کي واٽکو ڪندا آهن، پر انهن ظلمن ۽ زيادتين جي خلاف مزاحمت پڻ ڪندا آهن. نجم عباسيءَ جو ليکو به اهڙن پرجوش ۽ همدرد ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جن زندگيءَ جي بدلجندڙ مختلف لاڙن جي پيروي ڪري سماج جي منفي قدرن ۽ روين کي ساهت وسيلي بي نقاب ڪيو. جنهن لاءِ سندن اهو ميڄڻ هو ته، سماجي تبديلي ۽ قومي آجپي لاءِ ادب کان وڌيڪ سهڪاري ذريعو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

نجم عباسي اهو ليکڪ هو، جنهن بنا ڪنهن ڊپ ڏاءُ جي انهن سڀني سياسي ۽ سماجي تبديلين ۽ محرڪن کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو، جيڪي سنڌ ۽ سنڌين خلاف نفرت، تعصب ۽ حقارت جو زهر پکيڙي رهيون هيون. جيئن ته، نجم عباسي ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي ۽ بهتريءَ جو اونو رکندڙ اديبن منجهان هڪ هو ۽ بنيادي طرح ’سنڌيت‘ پسند هو. ان ڪري، هن هر ان پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جنهن ۾ سنڌين جي حقن جي پائمالي ڪيل هجي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ نه صرف انهن مسئلن جي نشاندهي ڪئي، پرانهن (مسئلن) جي پاڙ پٽڻ لاءِ پنهنجي ڪهاڻين وسيلي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ان سان گڏ هن پنهنجي ڪهاڻين ذريعي سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سپيتا ۾ سچ ۽ سونهن جو هڪ نئون روح ڦوڪيو. هن جاگيرداري نظام جي مدي خارج ويچارن ۽ اڏوهي ڪاڏل سماجي ۽ معاشي نظام خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندي، نئين انقلابي فڪر کي هٿي وٺرائي، جيڪا ترقي پسند ليکڪ جي خوبي آهي. نجم عباسي جنهن جي وضاحت هنن لفظن ۾ ڪئي آهي ته، " ترقي پسند اديب اهو آهي، جو آزاديءَ جو شعور جاڳائي سياسي سجاڳي پيدا ڪري، طبقاتي سماج جي ظلمن ۽ اوٹاين ڏانهن ڌيان ڇڪائي. ان سماج خلاف نفرت پيدا ڪري ۽ ان جي خاتمي لاءِ ميدان ٽپي پوڻ لاءِ تيار ڪري. قومي آزادي هٿ ڪرڻ لاءِ هٿيار بند جاکوڙ جو جوش ۽ ولولو پيدا ڪري اهو ئي ترقي پسند انقلابي ادب آهي."(12)

جيڪڏهن سندس ڪهاڻين جو ترتيب وار مختلف دورن ۾ تجزيو ڪيو وڃي ته، اهي پنهنجي دؤر جي سياسي توڙي معاشي حالتن ۽ واقعن جون عڪاس نظر اينديون. مثال طور تي سنڌي ٻوليءَ کي جڏهن قومي ٻوليءَ بدران علاقائي ٻوليءَ واري حيثيت ڏيڻ جي سازش سٽي ويئي، جنهن جي خلاف سڄي سنڌ جي ساڃاهه وند ماڻهن ۾ زبردست چڙ ڏياريندڙ فڪر جنم ورتو. اديب به ان جدوجهد ۾ برابر جا شريڪ رهيا. جن ۾ نجم عباسي جون فڪري ڪاوشون ڪنهن سرموڙ جيان نمايان نظر اچن ٿيون.

نجم عباسي ۽ سندس همعصر اديبن جو وڏو ڪارنامو اهو آهي، جو انهن سنڌ دشمن پاليسين جي نه صرف پاڻ مخالفت ڪئي، پر هنن پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي عام ماڻهن ۾ پڻ قومي شعور جاڳايو. شاگردن پڻ ان جي خلاف ڀرپور مهم هلائي سرعام ڏيهي توڙي ڏيهان ڏيهي سطح تي احتجاج شروع ٿيا. اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن پنهنجي قومي ٻوليءَ جي بقاء ۽ بچاءُ لاءِ ملڪ گير احتجاج شروع ڪيا. قومي، ثقافتي ۽ لساني فڪر هيٺ ڪهاڻيون، ناول، مضمون توڙي ايڊيٽوريل لکيا ويا، جن جو مقصد سنڌي زبان جي قديم سياسي تهذيبي ۽ تمدني حيثيت کي اجاگر ڪرڻ هو. نجم عباسي ان ظلم ۽ ناانصافي خلاف ڪلم ڪلا بغاوت ڪئي، چاڪاڻ ته، بنيادي طور هو ادب ۾ مقصد جو قائل ليکڪ هو. ان لاءِ سندس هي چوڻ هو ته، "آءُ هميشه مقصدي

ادب لکڻ جو حامي رهيو آهيان ۽ مقصدي ادب عملي ٿيندو آهي، ان ڪري ان کي خيالي، تصوراتي ادب نٿو چئي سگهجي ۽ آئيڊيلزم جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، منهنجي ڪهاڻين ۾ قوم پرستي جي حوالي سان ڏنل ڪردار به سچ پچ معاشري ۾ موجود آهن، انهن کي ڏسڻ ۽ مشاهدي ڪانپوءِ ئي مون انهن کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ۾ سمويو آهي."(13)

نجم عباسيءَ سنڌيت جي فڪر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حيثيت اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪهاڻين ذريعي جيڪا شعوري اوسر ڪئي، اها ڪڏهن به وساري ڪونه سگهبي. نه صرف ايترو، پر هن سنڌي سماج مان پراڻين ۽ مدي خارج ريتن رسمن ۽ جڙتو مذهبي عقيدن جي نه صرف ننڊا ڪئي، گڏوگڏ نئين سائنسي ۽ عقلي بنياد تي پنهنجي پڙهندڙن کي نئين ترقي پسند سوچ پڻ ڏني. هيٺ ان پسمنظر هيٺ سندس ڪجھ ڪهاڻين جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

'انگ اکر' ڪهاڻيءَ ۾ هو مادري ٻوليءَ جي اهميت بيان ڪندي ليکڪ لکي ٿو ته، اصل نسل ڪشيءَ جي موجوده صورت اها آهي ته، ٻار کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي قومي سڃاڻپ کان پري رکيو وڃي. اهڙو ٻار گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي وطن واسطي جيئري ئي پوريل بڻجي وڃي ٿو.

'ناچڻي' ڪهاڻيءَ سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي ٽمورتي: عورت، ڌرتي ۽ آزاديءَ جي اهميت کي اجاگرڪري ٿي. تاج جويو ان ڪهاڻيءَ جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته، "هن ڪهاڻيءَ ۾ ناچڻي علامت آهي، 'سنڌ' جي، جا موهن جي دڙي واري دور کان اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڌارين جي غلام رهندي اچي ٿي. هن ڪهاڻيءَ پڙهڻ سان سنڌ جي ماضي جي تاريخ ۽ تهذيبي روايتن جي عظمت اسان جي اکين اڳيان اڀري اچي ٿي، ۽ هر ڌارئين حملي لاءِ نفرت جاڳي اٿي ٿي."(14)

'سنڌي ڳائڻي جو سپنو' ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي نشرياتي ادارن تي غير سنڌين جي مسلط هجڻ سان جيڪا احساس ڪمتري سنڌي فنڪار ۾ پيدا ٿئي ٿي، ان جو دکدائڪ قصو بيان ڪيل آهي. هي ڪهاڻيءَ بقول نجم عباسيءَ جي ته، هڪ سچي واقعي جي روشني ۾ لکيل آهي.

'لڏپلاڻ' ڪهاڻيءَ ۾ لڏپلاڻ جي هاڃيڪارتهذيبي ۽ لساني اثرن کي بيان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪندي، نجم عباسي لکي ٿو ته ”پرڏيهي ڌرتيءَ تان هتي ايندڙن، هتي اچي مذهب جي نالي ۾ سامراجيت جو ڪردار ادا ڪيو. گذريل 28 سالن جي تجربي ثابت ڪيو آهي ته، اصل ناتو ٻولي، ڪلچر، جاگرافي، تاريخ ۽ معاش جو آهي. ها هن ملڪ ٺهڻ کانپوءِ ڇڪتاڻ جا مکيه بنياد ٻولي، ڪلچر ۽ معاش رهيا آهن. حالانڪ وڙهندڙ هڪ ئي مذهب جا هئا. اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته، جيڪا به ڇڪتاڻ ٿي، جيڪو به جهيڙو ٿيو، ساڳي ٻوليءَ ساڳي تهذيب وارا هڪ طرف ۽ ٻي ٻولي ۽ ٻي تهذيب وارا ٻي طرف. هر حالت ۾ ايئن پئي ٿيو. صحيح ۽ غلط جو ماپو ٻيو هو ئي ڪونه.“(15)

’دٻي ۾ ٽڪريون‘ ڪهاڻيءَ ۾ مادري ٻوليءَ کي نظرانداز ڪري، ڌاري ٻوليءَ کي مڙهڻ سبب هڪ اڻ پڙهيل ماڻهوءَ جو مشڪلاتن ۾ ڦاسڻ جو ذڪر پيش ڪيو ويو آهي. هي ڪهاڻيءَ ان وقت ۽ حالتن جي تصوير بيان ڪري ٿي، جڏهن سنڌ ۾ سنڌي بدران اردوءَ کي دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪيو ويو هو. اهڙي وقت ۾ نجم عباسي هڪ سرموڙ اديب جيان اڳتي آيو ۽ هن پنهنجي فن ذريعي هر قسم جي رياستي ڏاڍ ۽ جبر خلاف سنڌي سماج جي ذهني اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي، ڪين جديد سياسي ۽ سائنسي شعور کان متعارف ڪرائي، منجهن انقلابي لاڙي کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو ئي سبب هو، جو سندس چاهيندڙن ۾ گهڻي تعداد نوجوانن ۽ شاگردن جو هو. نجم عباسي هميشه فن تي مقصد کي فوقيت ڏني. جيڪا هڪ انسان دوست ترقي پسند ۽ انقلابي سوچ رکندڙ عظيم ليکڪ جي نشاني مڃي وڃي ٿي.

’ڪاوڙ‘ ڪهاڻيءَ ۾ نجم عباسي ٿر جي ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي حالتن سچي تصوير ڏيکاري آهي، جنهن ۾ ليکڪ ٻڌائي ٿو ته، ”هڪ پاسي انسان ڪائنات تي عجب جهڙيون ايجادون ڪري، دسترس حاصل ڪئي آهي ته، ٻئي پاسي اهي انسان به آهن جن کي زندهه رهڻ لاءِ پاڻي ۽ ان جو داڻو به مهيا نٿو ٿئي. ڪيڏو نه سٺو ٿئي، جوهڪ اهڙي مشين ايجاد ڪن، جيڪا بک ۽ بدحالي ختم ڪري. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڇرڪائيندڙ انداز ۾ ختم ٿئي ٿي ۽ اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي، ته هڪ پاسي عالمي انساني برادريون ائٽم بم جي تباهه ڪارين تي اڃا تائين روئي رهيون آهن، ته موجوده دور ۾ ٿرجا رهاڪو انهن تباهه ڪارين کان به وڌيڪ پنتي پيل حالتن ۾ زندگيءَ گهارڻ تي مجبور آهن جنهن تي ڪنهن جو ڌيان نٿو ڪڇي. جنهن کي ڏسي، ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار ڊاڪٽر چارلس جون اکيون رت جهڙيون ڳاڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ هو چوي

ٿو ته، ”اسان سان دوکو ٿيو آهي اسان يورپ ۽ آمريڪا ۾ جوهري جنگ ۽ جوهري هٿيارن خلاف احتجاج ڪرڻ وارن سان ڌوکو ٿيو آهي اسان کي چيو ويو هو ته، هنن اڃا ايئن نه ڪيو آهي، پر مون اڄ پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ته، سامراجين ٽين دنيا جي هن ٽڪري تي ننڍڙو ’جوهري بم‘ اڇليو آهي.“(16)

نجم عباسي جي ڪهاڻين تي گهڻي ڀاڱي ڏيپلائي صاحب جا اثرات نظر اچن ٿا. جنهن جو تذڪرو ڪندي هوچوي ٿو ته، ”مان پنهنجي زندگيءَ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جي شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيو آهيان، ڇو ته اهو ڪامريڊ ماڻهو هو ۽ ان جا خيالات ترقي پسنداڻا هئا، هن سان ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ هن جو لکڻيون پڙهندو هوس ۽ حقيقت ۾ مون ۾ جيڪو ذهني انقلاب آيو سو محمد عثمان ڏيپلائي جي لکڻين آندو.“(17)

نجم عباسي انهن سماجي مذهبي روڳن پيري مريدي، درگاهن، اوتارن، قبر پرستي، تعويذ، ٽوٽا ڦيڻا، ضعيف الاعتقادي) جنهن ۾ اڄ جي جديد دور جو انسان پوري طرح ڦاٿل نظر اچي ٿو ان خلاف زبردست قلمي ويڙهه جو سندرو ٻڌو. هن نه صرف ڪهاڻين ۾، پر مختلف مضمونن ۽ انٽريوز ۾ مثالن سان هن ان کي ٻيڇڙائي پاڻ هڪ ناصح وانگر ماڻهن کي سمجهائي ٿو ته، توهان جا مسئلا ۽ تڪليفون توهان پاڻ ئي حل ڪري سگهو ٿا، نه ڪي اهي ڍونگي پير ڪندا. توهان صرف جديد تعليمي ۽ سائنسي نظرين سان ئي انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيئي سگهو ٿا، وري پيرن جي دعا يا درگاهن تي نياز ڪرڻ سان مشڪلاتن مان نڪري نه سگهبو.

’ڇوڏو‘ نجم عباسيءَ جي شاهڪار ڪهاڻي مڃي وڃي ٿي. جنهن ۾ اٻوجهه سنڌي ماڻهن جي ضعيف الاعتقادي بيان ڪئي ويئي آهي ته ڪيئن اهي اٻوجهه ماڻهو دوا کان وڌيڪ اعتقاد هڪ وڻ جي ڇوڏي ۾ رکن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ڀراڙيءَ جي اڻ پڙهيل ماڻهن خاص ڪري عورتن جي انڌي عقيدي کي پڌري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نجم عباسي جنهن ريت ان ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڪئي آهي، تنهن مان اهو نتيجو ڪڍڻ سولو ٿيو پوي ته انڌي اعتقاد مان انسان کي ڪو به فائدو ڪونه ٿئي، ٿو بلڪ ان مان نقصان به ٿي سگهي ٿو. هونئن به سنڌي سماج ۾ اهڙن اعتقادن ۽ وسوسن جي ڪري هزارين انسان اجل جو شڪار ٿيو وڃن جي جيڪڏهن پنهنجي بيمارين کي جنن ڀوتن يا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تعويذ ڦيٽڻ جواثر نہ سمجهن ۽ سڌو ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائين تہ هو بچي سگهن ٿا. هن ڪهاڻيءَ جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ، بيمار تہ ٺيڪ ٿيو وڃي، پر ان ۾ ڇوڏي جو ڪو بہ اثر ڪونهي، جوهن ڪي ڇوڏو مليو ئي ڪو نہ هو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ان ڪهاڻيءَ جي واکاڻ ڪندي لکيو آهي تہ،”وهمن ۽ وسوسن خلاف، انسان دوست فنڪارن خاص طور آواز بلند ڪيو آهي. افسانو ’ڇوڏو‘ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، ان ۾ هڪ عورت جي اعتقاد جي روشنيءَ ۾، ان جي ڪردار ۾ جا سادگي سمايل آهي، تنهن کي افسانا نگار ظاهر ڪيو آهي. ان ۾ ڪردار جي ذهني لاڙن ڏي صاف اشارو بہ ڪري ٿو، ۽ جنهن ماحول ۾ هو رهي ٿو، ان ڏي بہ مبهم اشارا ٿين ٿا. سماجي خرابين تي ڀرپور چوٽ ٿئي ٿي. پڙهندڙ تي جيڪو تاثر ٿئي ٿو، سو هن جي سوچ ۽ اپياس جي امتحان جي برابر ٿئي ٿو.“(18)

’**ڪتي جو موت**‘ ڪهاڻيءَ ۾ قومي آجپي ۽ غير طبقاتي سماج اڏڻ لاءِ هر قسم جي ظلم خلاف وڙهڻ جي ڪوشش ڪندڙن ماڻهن مٿان سامراجي قوتن، وڏيرن ۽ پوليس جي قهري ڪاررواين کي وائکو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ غلاميءَ جي موت کي ڪتي جي موت سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي. جنهن لاءِ هو لکي ٿو تہ، ”جو سامراج لاءِ وڙهندي مري ٿو، سوڪتي جو موت مري ٿو.جو ڌاري ڌرتيءَ تي سامراج جي مفادن ۽ اقتدار قائم رکڻ واسطي لڙندي مري ٿو، سو ڪتي جو موت مري ٿو، جو وڏيرن سرمائيدارن لاءِ يا وڏيرائپ ۽ سرمائيدارن جو سرشتو قائم رکڻ لاءِ لڙندي مري ٿو، سو ڪتي جو موت مري ٿو. جو مظلوم ظلم ۽ بي انصافي سهندي ۽ ظلم جو مقابلو ڪرڻ بنا مري ٿو سو ڪتي جو موت مري ٿو، جيڪو سامراجي ظلم يا طبقاتي ظلم جو مقابلو ڪندي، آزادي لاءِ يعني سماجي انقلاب لاءِ لڙندي مري ٿو، سو مڙساڻو موت مري ٿو.“(19)

ان کان علاوه، جيئن تہ هو پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر هو، ان ڪري هن انهن ڊاڪٽرن جي منهن تان پڻ نقاب لاٿو، جيڪي ان مقدس پيشي جو استعمال پنهنجي حوس مٽائڻ لاءِ ڪن ٿا. سندس ان موضوع تي لکيل ڪهاڻين ۾ ’**ڪنول**‘ جيڪا مختلف ڊاڪٽرن هٿان لٽجندي رهي ٿي ۽ آخر ۾ بيمار هوندي بہ طبيب ڏي صرف ان ڪري وڃڻ کان انڪار ڪري ٿي، تہ اهو بہ هڪ مرد ڊاڪٽر هو. غلام نبي ناشاد ان ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو تہ، ”ان ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ سان بدن مان سيسراٽيون ٿيون نڪرن.

نجم پنهنجي ڏنڏي وارن جون بدمعاشيون پڌريون ڪيون آهن. نجم سچ لکي ٿو، نجم سچار آهي. ڪهاڻيءَ مان ان جو ڪردار هرڪنهن کي صاف نظر اچي ٿو.“(20)

نجم عباسي هڪ ڪميٽيڊ ليکڪ هو، جنهن پنهنجي تخليقن ذريعي سنڌي قوم جي آجپي لاءِ مسلسل جدوجهد ڪئي. پراثر مزاحمتي ۽ احتجاجي ادب تخليق ڪيو، جنهن جو مقصد عام ماڻهن ۾ نئين جاڳرتا جي سوچ بيدار ڪرڻ هو. ناز سنائي لکي ٿو تہ، ”ڊاڪٽر صاحب لکي ٿي سنڌ جي ماڻهن لاءِ ٿو؛ انهن جي مسئلن، گهرجن، تڪليفن، اُهنجن ۽ عذابن تي وڏي بي باڪي ۽ بي ڊپائي سان لکندو رهي ٿو. سندس هر هڪ افسانو اسان جي وطن سنڌ جي سماج جي تصوير هوندو آهي، سماج جي هر هڪ برائي تي هن لکي جهاد ڪيو آهي.“(21)

نجم عباسي سنڌي قوم لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي قدر، قيمت ۽ انهيءَ ڪمپرسي واري سوچ مان ڪڍڻ لاءِ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون. ڇاڪاڻ تہ، هو هڪ قومي سوچ جو مالڪ انسان دوست ليکڪ هو. سندس ڪهاڻيون جي علمي، ادبي ۽ فني ڪسوٽي تي رکبيون تہ اهي مخصوص فڪري، معاشي، سياسي ۽ معاشرتي ۽ سماجي حالتن جي اولڙي ۾ لکيل ۽ پڙهندڙن ۾ شعور بيدار ڪندڙ فڪر سان سلهاڙيل بامقصد ۽ ترقي پسند سوچ جي ترجمانيءَ تي مشتمل نظر ايندين. جن جي ٻوليءَ سپڪ، سادي ۽ سليس سنڌي تي مشتمل نظر اچي ٿي. ان ڪري نجم عباسيءَ جي ڪابہ ڪهاڻي ڪنهن منجهيل بي مقصد يا پٽڪيل نظر نہ ايندي. سندس ڪا ورلي اهڙي لکيل ڪهاڻيءَ ملندي جا بامقصد ۽ فڪر انگيز نہ هجي. سندس ڪهاڻين جي لکيل ڪتاب’دوکو‘ جي مهاڳ ۾ طارق اشرف لکي ٿو تہ، ”نجم عباسي اهو ليکڪ آهي، جيڪو اهي موضوع يا اهي مسئلا جيڪي موجوده وقت ۾ موجود هجن ۽ ماضي قريب ۾ ٿيا هجن، ان موضوع تي ڪهاڻيون لکي ٿو. ٻي ڳالهہ اها تہ، نجم عباسيءَ جي اها شعوري ڪوشش هوندي آهي تہ، ٻولي نج سنڌي هجي، پڙهندڙن کي ڪو ڌاريو لفظ نہ ملي. ٽئين ڳالهہ نجم جي ڪهاڻين ۾ قوميت هوندي آهي. نجم عبا سي جي شايد ئي اهڙي ڪهاڻي هجي جا بامقصد نہ هجي. منهنجي سوچ مطابق اهي ئي ڳالهيون يا خوبيون آهن، جن جي ڪري نجم عباسي جو ڪهاڻيون پڙهندڙن ۾ ڏينهون ڏينهن مقبول ٿينديون ٿيون وڃن. ڇاڪاڻ تہ، سنڌ ۽ سنڌين سان جيڪو بہ ظلم يا ناحق ٿيندو آهي، يا ٿي سگهي ٿو، نجم عباسي انهيءَ تي قلم ضرور کنيو آهي.“(22)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مٿين ڪهاڻين تي جڏهن غور ڪجي ٿو ته، نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي سماجي ڪارج جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ملي ٿي. ثابت ٿو ٿئي ته، هن ادب براءِ ادب نه بلڪ ادب براءِ زندگيءَ جي نظرئي تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. هن جي نظر ۾ ادب صرف وندر خاطر نه تخليق ڪيو وڃي، بلڪ ان مان ٻين انسانن خاص طور تي زندگيءَ جون صعوبتون سهندڙ به لاڀ حاصل ڪري سگهن.

حوالا

1. افغاني، جمال الدين، ’روح رهاڻ‘، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد، جولاءِ 1967ع.
2. عباسي، نجم، ’ڪهاڻيءَ جو قافلو‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1986ع، ص:7.
3. سيد، جي. ايم.، ’سنڌ ڳا لهائي ٿي‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2009ع، ص: 119 118.
4. ڏيپلائي، محمد علي،’قومي تعليمي ڪميشن جي تجويزن تي سنڌي قوم جو ردعمل‘، سنڌي ٻولي، تحقيقي جنرل، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، جولاءِ سيپٽمبر، 2012ع.
5. سيد، جي ايم، ’سنڌو جي ساڃاهه‘، سورٺ پبليڪيشن، آدرش نگر، ممبئي، 1982ع.
6. گيان چنداڻي، سوڀو، ’سنڌ جي ڏاهپ ڪا سورنهن انٽرويو‘، سارنگ پبليڪيشن هائوس، ڪراچي، 2004ع.
7. حميد سنڌي، ’روح رهاڻ‘، جلد 7، سالنامو، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1967 ع.
8. عباسي، نجم، ’اونچا ڳاٽ پهاڙن جا‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، 1983ع، ص: 105.
9. سنڌي، يوسف، ’نجم عباسي فن ۽ شخصيت‘، سچائي اشاعت گهر، دڙو، جولاءِ 2012ع، ص:30.
10. عباسي، نجم، ’للڪار‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، 1983ع.
11. مورائي، راشد، ’ناچڻي جو جنم‘، ڪونج ڪتابي مرڪز، خانواهڻ، 1979ع، ص: 23.
12. عباسي، نجم، ’ڏنم اڻ ڏٺل‘، ’مون وٽ سودو سچ جو (انٽرويو)، ڇاپو پهريون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1980ع، ص: 160.
13. عباسي، نجم، سماهي ’مهراڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1993ع.
14. جويو، تاج، ’ناچڻي جو جنم‘، سهيڙيندڙ: غلام نبي ناشاد، ڪونج ڪتابي مرڪز، خانواهڻ، 1979ع، ص: 65.
15. عباسي، نجم، ’لڏپلاڻ: پاڻ ۾ ويٺا آهيون‘، روشني پبليڪيشن،ڪنڊيارو، 1992ع، ص: 165.
16. عباسي، نجم، ’دوکو‘، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع، ص: 82 ۽ 84.

17. عباسي، نجم، ’دل وارن جي دنيا‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2008ع، ص: 137.
18. جوڻيجو، عبدالجبار، ’للڪار‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، 1983 ع، ص: 175.
19. عباسي، نجم، ’دوکو: ڪُتي جو موت‘، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع.
20. ناشاد، غلام نبي، ’ناچڻي جو جنم‘، ڪونج ڪتابي مرڪز، خانواهڻ، 1979ع.
21. سنائي، ناز، ’ڪچان تان ڪافر‘، ڇاپو پهريون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، جون 1983ع،
22. عباسي، نجم، ’دوکو‘ (مهاڳ)، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair